

# قبر جو امتحان

شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنت، باني دعوتِ اسلامي حضرت علامه مولانا ابو بلال

مُحَمَّد الياس عطّارؔ قادري رضوي

دامت بركاتهم العاليه

شيخ طريقت، امير اهلسنت، باني دعوت اسلامي، حضرت علامه

دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ العَالِيَه

**مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي**

جو اُردو زبان ۾ تحريري بيان

# قبر جو امتحان

## ترجمو پيشڪش

مجلسِ تراجم (دعوت اسلامي) هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته مجلسِ تراجم کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.


**رابطي جي لاءِ: مڪتب مجلس تراجم (دعوت اسلامي)**

**عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران**

**پراڻي سبزي منڊي باب المدينه ڪراچي**

**فون نمبر**: 021-34921389-90-91

*E-mail: translation@dawateislami.net*

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# قبر جو امتحان*

شيطان ٻلي ڪيتري ئي سستي ڏياري پر هي رسالو اول تا آخر پڙهي وٺو، اِنْ شَآءَ الله عَزَّوَجَلَّ توهان پنهنجي دل ۾ مدني انقلاب برپا ٿيندي محسوس ڪندؤ.

## درود شريف جي فضيلت

سرڪار نامدار، مديني جي تاجدار، حبيب پروردگار، شفيع روز شمار، جناب احمد مختار صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان عاليشان آهي: توهان پنهنجي مجلسن کي مون تي درود پاڪ پڙهي سينگاريو ڇو ته توهان جو مون تي درود پاڪ پڙهڻ، قيامت جي ڏينهن توهان لاءِ نور هوندو.

(الجامع الصغير ص 280 حديث 4580)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

یاد رکھ ہر آن آخر موت ہے — بن تُو مت انجان آخر موت ہے
مرتے جاتے ہیں ہزاروں آدمی — عاقل و نادان آخر موت ہے
کیا خوشی ہو دل کو چندے زِیست سے — غمزدہ ہے جان آخر موت ہے
مُلکِ فانی میں فَنا ہر شے کو ہے — سُن لگا کر کان آخر موت ہے
بارہا علّمیؔ تجھے سمجھا چکے
مان یا مت مان آخر موت ہے

---

* هي بيان امير اهلسنت حضرت علامه مولانا ابوبلال محمد الياس عطار قادري رضوي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه قرآن وسنت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوت اسلاميءَ جي 1416 هه ۾ ٿيڻ واري ٽي روزه سنتن ڀريي اجتماع مدينة الاولياءَ ملتان شريف ۾ فرمايو. **مجلس مكتبة المدينه**

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي ڏهہ ڀيرا درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي سؤ رحمتون موڪليندو آهي. (طبراني)

## قبر جو دڙڪو

حضرت سيّدنا ابوالحَجّاج ثُمالِي رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي، سرڪار مدينہ، سلطانِ باقرينہ، قرارِ قلب و سينہ، فيضِ گنجينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عبرت نشان آهي: جڏهن ميّت کي قبر ۾ لاٿو ويندو آهي تہ قبر ان کي پڪاري چوندي آهي: اي انسان! تنهنجي تباهي ٿئي! تو ڇا لاءِ مونکي وساريو هو؟ ڇا توکي ايتري بہ خبر نہ هئي تہ مان فِتنَن جو گهر آهيان، اونداهيءَ جو گهر آهيان، پوءِ تون ڪهڙي ڳالهہ جي ڪري مون تي آڪڙجي هلندو هئين؟ جيڪڏهن اهو مڙدو نيڪ ٻانهو هوندو تہ هڪ غيبي آواز قبر کي چوندو: اي قبر! جيڪڏهن هي انهن مان هجي جيڪي نيڪيءَ جو حڪم ڪندا رهيا ۽ برائيءَ کان منع ڪندا رهيا تہ پوءِ! (تنهنجو سلوڪ ڇا هوندو؟) قبر چوندي آهي: جيڪڏهن اها ڳالهہ آهي تہ مان ان جي لاءِ گلزار بڻجي ويندي آهي، اهڙي طرح پوءِ ان شخص جو بدن نور ۾ تبديل ٿي ويندو آهي ۽ ان جو روح ربُّ العٰلمين عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهہ ڏانهن پرواز ڪري ويندو آهي. (مسند ابي يعلٰي ج 6 ص67 حديث 6835)

## مُبَلِّغن کي مبارڪ هجي!

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هن حديث پاڪ تي ٿورو غور تہ فرمايو جڏهن بہ ڪو قبر ۾ ويندو آهي توڙي اهو نيڪ هجي يا بد ان کي قبر ۾ ڊيڄاريو ويندو آهي. دعوتِ اسلامي جي مبلغن! فيضانِ سنّت جو درس ڏيڻ وارن! علاقائي دورو براءِ نيڪي جي دعوت ۾ شرڪت ڪرڻ وارن! پنهنجي اولاد جي سنّت جي مطابق تربيت

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي ڏهه رحمتون موڪليندو آهي.** (مسلم)

ڪرڻ وارن! ۽ سنّتون سيکارڻ جي لاءِ انفرادي ڪوشش ڪرڻ وارن کي مبارڪ هجي جو قبر ۾ هڪ غيبي آواز نيڪي جو حڪم ڪرڻ وارن ۽ برائي کان روڪڻ وارن جي تائيد ۽ حمايت ڪندو، اهڙي طرح قبر انهن جي لاءِ گلزار بڻجي ويندي.

تمھیں اے مُبَلِّغ یہ میری دُعا ہے
کئے جاؤ طے تم ترقّی کا زینہ

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## منهنجا ٻار ٻچا ڪٿي آهن؟

ياد رکو! مرڻ واري سان گڏ قبر ۾ صرف عمل ئي هلندا، بلند و عاليشان بنگلا، وڏا وڏا محل، ڪشادا گهر، مال ۽ دولت، بينڪ بيلنس، وسيع ڪاروبار، وڏا ڪشادا پلاٽ، سرسبز زمينون ۽ وڻندڙ باغ، اِهي سڀ قبر ۾ گڏ نه هلندا. جيئن **حضرت سيّدنا عطاء بن يسار** عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْغَفَّار **فرمائن ٿا: جڏهن ميّت کي قبر ۾ رکيو ويندو آهي ته سڀ کان پهريان، ان جو عمل اچي ان جي کاٻي ران کي لوڏو ڏئي چوندو آهي، مان تنهنجو عمل آهيان. اهو مڙدو پڇندو آهي: ”منهنجا ٻار ٻچا ڪٿي آهن؟ منهنجون نعمتون، منهنجون دولتون ڪٿي آهن؟“ ته عمل چوندو آهي: اُهي سيئي تنهنجي پويان رهجي ويا ۽ مون کان سواءِ تنهنجي قبر ۾ ڪو به ناهي آيو.** (شرح الصدور ص 111)

## قبر ۾ ڏيکارڻ واريون شيون

رات جي اونداهي ۾ ڏڄڻ وارن! ٻليءَ جي مياڻون تي ڇرڪ

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: **توهان جتي بہ هجو مون تي درود پاڪ پڙهو توهان جو درود مون تائين پهچندو آهي.** (طبراني)

پرڻ وارن! ڪتي جي ڀونڪڻ تي رستو مٽائڻ وارن! نانگ ۽ وڇونءَ جو صرف نالو ٻڌي ڏڪڻ ۽ لرزڻ وارن! ٻرندڙ باهہ کي پري کان ڏسي گهٻرائڻ وارن بلڪ رڳو دونهي کان بيقرار ٿيڻ وارن جي لاءِ غور جو مقام آهي. حضرت سيّدنا علّامہ جلال الدين سُيوطي الشّافِعي عَلَیْہِ رَحْمَۃُ اللہِ الْکَافِی "شَرحُ الصُّدور" ۾ نقل فرمائن ٿا: "جڏهن انسان قبر ۾ داخل ٿيندو آهي تہ اهي شيون ان کي ڊيڄارڻ جي لاءِ اينديون آهن جن کان هو دنيا ۾ ڊڄندو هو ۽ **الله** عَزَّوَجَلَّ کان نہ ڊڄندو هو."

(شرح الصدور ص 112)

## ڇا الله کان ڊڄڻ وارو گناهہ ڪري سگهي ٿو؟

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** ڇا **الله** عَزَّوَجَلَّ کان ڊڄڻ وارو نماز، روزو قضا ۽ زڪوٰة ادا ڪرڻ ۾ ڪوتاهي ڪري سگهي ٿو؟ ڇا خوفِ خدا رکڻ وارو ٺڳي ڪري سودو وڪڻي سگهي ٿو، حرام روزي ڪمائي سگهي ٿو، وياج ۽ رشوت جي ڏيتي ليتي ڪري سگهي ٿو؟ ڏاڙهي ڪوڙڻ ۽ هڪ مٺ کان گهٽائڻ ٻئي حرام آهن تہ ڇا خوفِ خدا رکڻ وارو ڏاڙهي ڪوڙائي سگهي ٿو يا ڪٽي ننڍي رکائي سگهي ٿو؟ ڇا **الله** عَزَّوَجَلَّ کان ڊڄڻ وارو T.V، V.C.R ۽ انٽرنيٽ تي فلمون ڊراما ڏسي سگهي ٿو ۽ ڳائڻ وڄائڻ ٻڌي سگهي ٿو؟ ڇا خوفِ خدا رکڻ وارو ماءُ، پيءُ، ڀائرن، ڀينرن، رشتيدارن بلڪ عام مسلمانن جي دل ڏکائي سگهي ٿو؟ ڇا **الله** عَزَّوَجَلَّ کان ڊڄڻ وارو گار گند، ڪوڙ، گِلا، چغلي، واعدي خلافي، بدنگاهي، بي حيائي، بي پردگي وغيره وغيره گناهہ ڪري سگهي ٿو؟ ڇا **الله** عَزَّوَجَلَّ کان ڊڄڻ وارو چوري، ڌاڙو،

دهشت گردي ۽ قتل و غارت جهڙيون مڪروهه وارداتون ڪري سگهي ٿو؟ هر طرح جي گناهن ۾ مُلوَّث رهڻ وارا هڪ پيرو وري ڪن ڪولي ٻڌي ڇڏين ته ”جڏهن انسان قبر ۾ داخل ٿيندو آهي ته اُهي سيئي شيون ان کي ڊيڄارڻ جي لاءِ اچي وينديون آهن جن کان اهو دنيا ۾ ڊڄندو هو ۽ **الله** عَزَّوَجَلَّ کان نه ڊڄندو هو.“ (ايضًا)

## پاڙيسري مُڙدن جي پڪار

بي نمازين، بنا شرعي عذر جي رمضان جا روزا قضا ڪرڻ وارن، فلمون ڊراما ڏسڻ وارن، ڳائڻ وڄائڻ ٻڌڻ وارن، ماءُ پيءُ جي دل ڏکائڻ وارن، ڏاڙهي ڪوڙڻ وارن، يا هڪ مُٺ کان گهٽائڻ وارن ۽ طرح طرح جون نافرمانيون ڪرڻ وارن جي لاءِ غور جو مقام آهي جو **حُجَّةُ الاسلام حضرتِ سيِّدنا امام محمد بن محمد بن محمد غزالي** عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللهِ الۡوَالِي **نقل فرمائن ٿا: جڏهن** (گناهگار) مُڙدي کي قبر ۾ رکيو ويندو آهي ۽ ان تي عذاب جو سلسلو شروع ٿيندو آهي ته ان جا پاڙيسري مڙدا ان کي چوندا آهن: ”اي پنهنجي پاڙيسرين ۽ ڀائرن کان بعد دنيا ۾ رهڻ وارا! ڇا تنهنجي لاءِ اسان جي معاملي ۾ ڪا عبرت نه هئي؟ ڇا اسان جو تو کان اڳ ۾ (دنيا مان) وڃڻ تنهنجي لاءِ غور ۽ فڪر جو مقام نه هيو؟ ڇا تو اسان جي عملن جي سلسلي جو ختم ٿيڻ نه ڏٺو؟ توکي ته مهلت هئي تو اُهي نيڪيون ڇو نه ڪيون جيڪي تنهنجا ڀائر نه ڪري سگهيا.“ زمين جو ٽڪرو ان کي سڏي چوندو آهي: ”اي ظاهري دنيا مان ڌوڪو کائڻ وارا! توکي انهن مان عبرت ڇو نه ٿي جيڪي تو کان پهريان هتي اچي چڪا هئا ۽ انهن

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مون تي درود شريف پڙهو الله تعاليٰ توهان تي رحمت موڪليندو. (ابن عدي)

ڪي به دنيا ڏوڪي ۾ وجهي ڇڏيو هو.“ (احياءُ العلوم ج 5 ص 253)

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! حقيقت هي آهي ته هر مرڻ وارو مرندي ئي جيتوڻيڪ خاموشيءَ سان هي پيغام ڏئي هليو ويندو آهي ته جهڙي طرح مان مري چڪو آهيان اوهان ڪي به مرڻو پوندو جهڙيءَ طرح مون ڪي مٽين متيءَ هينان دفن ڪيو ويندو، اهڙي طرح توهان ڪي به دفن ڪيو ويندو.

جنازہ آگے بڑھ کے کہہ رہا ہے اے جہاں والو!
مِرے پیچھے چلے آؤ تمہارا رہنما میں ہوں

## امتحان ويجهو آهي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اڄڪلهه جڏهن اسڪول يا ڪاليج جو امتحان ويجهو هوندو آهي ته شاگرد ان جي تيارين ۾ تمام گهڻو مشغول ٿي ويندا آهن. رات ڏينهن انهن کي صرف اها ئي ڌُن هوندي آهي ته امتحان مٿان آهي، امتحان جي لاءِ محنت به ڪندا آهن، دعائون به گهرندا آهن وري ڪي نادان ته امتحان وٺندڙ کي رشوت به ڏيندا آهن. هر هڪ جي اهائي خواهش هوندي آهي ته ڪهڙي به نموني دنيا جي امتحان ۾ سٺن نمبرن ۾ پاس ٿي وڃون. اي دنيا جي امتحان جي مشغوليت ۾ گم ٿي وڃڻ وارؤ! ڪن کولي ٻڌي ڇڏيو! هڪ امتحان اهو به آهي جيڪو قبر ۾ ٿيڻ وارو آهي، اي ڪاش! قبر جي امتحان جي تياري اسان کي نصيب ٿي وڃي. اڄ جيڪڏهن اِمڪاني سُوال (Importants) ملي وڃن ته شاگرد ان تي سڄي رات محنت ڪندا آهن، جيڪڏهن نند ڦِٽائڻ واريون گوريون به

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي ڏهه ڀيرا صبح ۽ ڏهه ڀيرا شام درودِ پاڪ پڙهيو قيامت جي ڏينهن ان کي منهنجي شفاعت ملندي. (مجمع الزوائد)

ڪائڻيون پون ته اهي به ڪائيندا آهن. اي دنيا جي امتحان جي فڪر ڪرڻ وارؤ! حيرت آهي جو توهان امڪاني سوالن تي تمام گهڻي محنت ڪندا آهيو، ڪاش! توهان کي هن ڳالهه جو احساس ٿي وڃي ته قبر جا سوال امڪاني نه بلڪ يقيني آهن جيڪي اسان کي الله عَزَّوَجَلَّ جي محبوب، داناءِ غُيُوب، مُنَزَّهٌ عَنِ الْعُيُوب صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اڳواٽ ئي ٻڌائي ڇڏيا آهن هاءِ افسوس! قبر جي سوالن ۽ جوابن جي طرف اسان جو ڌيان ئي ناهي. آهه! اڄ اسان دنيا ۾ اڇي دنيا جي رنگينين ۾ ڪجهه هن طرح گم ٿي ويا آهيون جو اسان کي هن ڳالهه جو بلڪل احساس ئي ناهي رهيو جو اسان کي ڪو مرڻو به آهي:

دِلا غافِل نہ ہو یک دم یہ دنیا چھوڑ جانا ہے — بَغیچے چھوڑ کر خالی زمیں اندر سمانا ہے
ترا نازک بدن بھائی جو لیٹے سیج پھولوں پر — یہ ہوگا ایک دن بے جاں اسے کِرموں نے کھانا ہے
تُو اپنی موت کو مت بھول کرسامان چلنے کا — زمیں کی خاک پر سونا ہے اینٹوں کا سِرہانا ہے
نہ بَیلی ہوسکے بھائی نہ بیٹا باپ تے مائی — تو کیوں پھرتا ہے سَودائی عمل نے کام آنا ہے
عزیزا یاد کر جس دن کہ عِزرائیل آویں گے — نہ جاوے کوئی تیرے سنگ اکیلا تُوں نے جانا ہے
جہاں کے شُغل میں شاغِل خدا کی یاد سے غافِل — کرے دعویٰ کہ یہ دنیا مِرا دائم ٹھکانہ ہے
غلام اِک دم نہ کر غفلت حَیاتی پہ نہ ہو غَرّہ
خدا کی یاد کر ہر دم کہ جس نے کام آنا ہے

## نقل ڪرڻ وارو ئي ڪامياب

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! الله تعاليٰ توهان سڀني تي پنهنجو فضل ۽ ڪرم فرمائي. الله تبارڪ و تعاليٰ توهان سڀني کي مديني منور زَادَهَا اللّٰهُ شَرَفًا وَّ تَعْظِيْمًا ۾ زيرِ گنبذ خضرا محبوب صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جنهن ڪتاب ۾ مون تي درودِ پاڪ لکيو ته جيستائين منهنجو نالو ان ڪتاب ۾ لکيل رهندو ملائڪ ان جي لاءِ استغفار ڪندا رهندا .** (طبراني)

جلون ۾ ايمان ۽ عافيت سان شهادت نصيب ڪري ۽ اهي سڀ دعائون خاڪِ مدينه جي صدقي، مون سگِ مدينه عُفِيَ عَنْهُ جي حق ۾ به قبول فرمائي. **الله**عَزَّوَجَلَّ پنهنجي خاص فضل و ڪرم سان اسان کي اهڙو پاڪيزه نمونو عطا فرمايو آهي ته جيڪو مسلمان ان نموني جو جيترو به سنو نقل ڪندو اوترو ئي اهو اعليٰ ڪامياب ٿيندو. جيئن **الله** تعاليٰ ان مقدَّس نموني جو اعلان سيپاري 21، سُوْرَةُ الْاَحْزَاب جي ايڪيهين آيت شريف ۾ هن طرح فرمائي ٿو:

لَقَدْ كَانَ لَكُمْ فِيْ رَسُوْلِ اللّٰهِ اُسْوَةٌ حَسَنَةٌ

**ترجموڪنزالايمان:** بيشڪ توهان جي لاءِ رسول **الله** جي پيروي بهتر آهي.

ته ان رحمت واري نموني جو جيڪو نقل ڪندو اهو ئي ڪامياب ٿيندو ۽ **الله**عَزَّوَجَلَّ جي ان عطا ڪيل بي مثال نموني کي ڇڏي جيڪو شيطان جي پيروي ڪندو، غير مسلمن جا طور طريقا اپنائيندو اهو هرگز ڪامياب نه ٿي سگهندو.

## بدنصيب گهوٽ سُتل ئي رهجي ويو!

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! **الله** تعاليٰ توهان تي فضل ۽ ڪرم فرمائي، ٿي سگهي ٿو ته توهان مان ڪنهن جي باري ۾ هي شور مچي وڃي ته رات جو هي چڱو ڀلو سُتو هو پر صبح جو جڏهن ڊيوٽي تي وڃڻ لاءِ جاڳايو ويو ته معلوم ٿيو ته اڄ ته هي اهڙي طرح ستو پيو آهي جو قيامت تائين سُتل ئي رهندو، يعني ان جو روح پرواز ڪري چڪو آهي. جي هاءُ اهو بابُ المدينه ڪراچي ۾ ٿيڻ وارو هڪ دل ڏڪائيندڙ واقعو آهي: هڪ نوجوان جي شادي ٿي،

رُخصتيءَ واري تاريخ بہ ويجهي اچي وئي ........ سياڻي رُخصتي ٿيڻي آهي، رات جو شڪراني جا نوافل ۽ شڪراني ۾ صدقو ۽ خيرات ڪرڻ جي بجاءِ شيطان جي پيرويءَ ڪندي ڳائڻ وڄائڻ واري محفل موسيقي رچائي وئي. خاندان جون عورتون ڊُهل جي آواز تي جهمريون هڻي نچي رهيون آهن ۽ مرد بہ اڏنگي انداز سان نچي پنهنجي فن جو مظاهرو ڪري رهيا هئا. سڄي رات ڌمچر مچائي جڏهن فجر جون اذانون اچڻ لڳيون تہ مسجد ڏانهن وڃڻ بدران سيئي ماڻهو سمهڻ جي لاءِ هليا ويا. گهوٽ بہ پنهنجي بستري تي وڃي ستو، سڄي رات جي ٿڪاوٽ جي ڪري اک لڳي وئي.

پيارا اسلامي ڀائرو! تورو هاڻ کي جهلي ٻُڌجو! جمعي جو ڏينهن هيو گهوٽ جي ماءُ ٻنپهرن جي ٻارهين بجي ڪنهن کي موڪليو تہ منهنجي لال کي اٿاري اچو، اڄ جمعي جو ڏينهن آهي جلدي جلدي غسل ڪري وني ۽ تياري ڪري جو اڄ ان جي ڪنوار گهر ۾ اچڻ واري آهي. جاڳائڻ جي لاءِ گهر جو هڪ رشتيدار پهچي ٿو، آواز ڏئي ٿو، پر گهوٽ صاحب جواب ئي نہ ٿو ڏئي، اوهو! آخر رات جي اهڙي بہ ڪهڙي ٿڪاوٽ هئي جو اک ئي نہ ٿي کُلي! پر جڏهن هيڏانهن هوڏانهن لوڏي ڏٺائين تہ ان کان دانهون نڪري ويون، جو هي تہ هميشہ جي لاءِ سمهي پيو آهي. ڪُهرام مچي ويو، شادي واري گهر ۾ ماتم مچي ويو، جتي رات جو خوشي جا شادمانا وڄي رهيا هئا، اتي روڄ راڙي جو شور برپا ٿي ويو. جتي ڪِلَ خوشيءَ جون بهارون هيون اتي ڳوڙهن جون لارون وهڻ لڳيون.

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن جمعي جي ڏينهن مون تي ٻه سؤ ڀيرا درودِ پاڪ پڙهيو ان جا ٻه سؤ سالن جا گناهہ معاف ٿيندا. (كنزالعمال)

ڪفن دفن جون تياريون ٿيڻ لڳيون آهہ! صد آهہ! ڪجهہ ڪلاڪن ڪانپوءِ جنهن جي متي تي مهڪندڙ گلن وارو موڙ پارائي نهايت ئي شاندار طريقي سان سينگاريل ڪار ۾ سوار ڪرٽو هو اهو بدنصيب گهوٽ جنازي جي ڏوليءَ ۾ سوار ڪيو ويو، ڇاجي شادي حال ۾ پهچائڻ جي بدران ان کي ڪلهن تي کڻي قبرستان ڏانهن هلڻ لڳا آهن. هاءِ هاءِ بدنصيب گهوٽ روشنين جي جڳمڳ ڪندڙ ماحول مان نڪري تمام اونداهي قبر جي طرف وڏندو پيو وڃي. هاڻي ان کي رنگ برنگي گلن سان سجايل ۽ روشنين سان جڳمڳ ڪندڙ شاديءَ واري ڪمري ۾ نہ بلڪ ڪيڙن ماڪوڙن سان ڀريل وحشتناڪ قبر ۾ رکيو ويندو. هاڻي ان جي بدن تي شاديءَ جو وٽندڙ، رنگ برنگي، مهڪندڙ ۽ من موهيندڙ جوڙو ناهي بلڪ ڪافور جي غمگين خوشبو ۾ ٻڏل ڪفن آهي ۽..........ءِ....... ڏسندي ئي ڏسندي ان کي قبر ۾ لاٿو ويو. آهہ!

تُو خوشی کے پھول لے گا کب تلک؟
تو یہاں زندہ رہے گا کب تلک؟

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## قبر جو ڀيانڪ منظر

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان کي ٻہ هڪ ڏينهن مرڻو آهي، انڌيري قبر ۾ لهڻو پوندو. جي ها! اسان پنهنجي دفن ڪرڻ وارن کي ڏسي ۽ ٻڌي رهيا هونداسين، جڏهن اهي مٽي وجهي رهيا هوندا، هي دردناڪ منظر ٻہ نظر اچي رهيو هوندو، ليڪن ڳالهائي

فرمانِ مصطفیٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درود شريف نہ پڙهي تہ ماڻهن مان اهو ڪنجوس ترين شخص آهي. (ترغيب و ترهيب)

ڪجهہ بہ نہ سگهنداسين، دفن ڪرڻ کان بعد اسان جا ناز کڻڻ وارا وڃي رهيا هوندا، قبر ۾ انهن جي قدمن جا آواز ٻڌڻ ۾ اچي رهيا هوندا. دل ٻوساٽجي رهي هوندي، اوچتو وڏن ڏندن سان قبر جي پٽين کي چيريندي خوفناڪ شڪلين وارا دهشتناڪ، ڪارا وار لٽڪائيندي بہ ملائڪ "منڪر نڪير" قبر ۾ اچي ظاهر ٿيندا، انهن جي اکين مان باهہ جا شعلا نڪري رهيا هوندا ۽ اهي سختيءَ سان ويهاري ۽ نهايت ئي سخت لهجي ۾ سوال ڪندا، دنيا جي رنگينين ۾ گُم، صرف دنياوي امتحان جي ئي ڳڻتي ڪرڻ وارن، فلمون ڊراما ڏسڻ وارن، گانا باجا ٻڌڻ وارن، ڏاڙهي ڪوڙائڻ وارن، ڏاڙهي کي هڪ مٺ کان گهٽائڻ وارن، حرام روزي ڪمائڻ وارن، وياج ۽ رشوت جي ڏيتي ليتي ڪرڻ وارن، پنهنجي عهدي ۽ منصب مان ناجائز فائدو کڻي مظلومن جون آهون کڻڻ وارن، ڪوڙ ڳالهائڻ وارن، غيبت ۽ چُغل خوري ڪرڻ وارن، ماءُ پيءُ جي دل ڏکائڻ وارن، پنهنجي اولاد کي شريعت ۽ سنّتن جي مطابق تربيت نہ ڏيڻ وارن، مذهبي رنگ ۾ رنگجي نہ وڃن ان بري نيّت سان پنهنجي اولاد کي سنّتن ڀريي مدني ماحول ۽ دعوتِ اسلامي جي اجتماع کان روڪڻ وارن، پنهنجي اولاد کي ڏاڙهي مبارڪ سجائڻ کان روڪڻ وارن، بي پردگي ڪرڻ وارين ۽ وار کولي ڪري گهٽين ۽ بازارن ۾ گهمڻ وارين، ميڪ اپ ڪري شاپنگ سينٽرن ۽ رشتيدارن جي گهرن ۾ بي پرده وڃڻ وارين ۽ دليريءَ سان طرح طرح جي گناهن ۾ مشغول رهڻ وارن کان جيڪڏهن **الله** عَزَّوَجَلَّ ناراض ٿي ويو ۽ ان جا پيارا

فرمانِ مصطفي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿيو ۽ ان مون تي درود شريف نہ پڙهيو تہ تحقيق اهو بدبخت ٿي ويو. (ابن سني)

محبوب صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم رُسي ويا ۽ گناهن جي سبب مَعاذَاللهعَزَّوَجَلَّ جيڪڏهن ايمان برباد ٿي ويو تہ ڇا ٿيندو؟ وڏي سخت لهجي ۾ سوال ٿي رهيا آهن: مَنْ رَّبُّكَ "تنهنجو ربّ ڪير آهي؟" آهہ! ربّ عَزَّوَجَلَّ کي ڪڏهن ياد ڪيو هو! جواب نہ پيو اچي، ڇو تہ ايمان برباد ڪري وينو، ان جي زبان مان نڪري رهيو آهي: هَيْهَاتَ هَيْهَاتَ لَاۤاَدْرِي "افسوس! افسوس! مون کي ڪجهہ ناهي معلوم" پوءِ پڇيو ويندو: مَادِيْنُكَ "تنهنجو دين ڪهڙو آهي" قبر ۾ مڙدو سوچي رهيو آهي تہ مون تہ اڄ تائين دنيا ئي آباد ڪئي هئي، قبر جي امتحان جي تياري ڏانهن ڪڏهن ڌيان ئي نہ ڏنو هو، بس! صرف دنيا جي رنگينين ۾ ئي گم هئس، مون کي قبر جي امتحان جي ڪٿي خبر هئي! ڪجهہ سمجهہ ۾ نہ ٿو اچي ۽ زبان مان نڪري رهيو آهي: هَيْهَاتَ هَيْهَاتَ لَاۤاَدْرِي "افسوس! افسوس! مون کي ڪجهہ ناهي معلوم" پوءِ هڪ حسين ۽ جميل نوراني جلوو ڏيکاريو ويندو، ۽ سوال ٿيندو: مَاكُنْتَ تَقُوْلُ فِي هٰذَا الرَّجُل يعني ان جي باري ۾ تون ڇا چوندو هئين؟ سڃاڻپ ڪيئن ٿيندي! ڏاڙهيءَ سان تہ لڳندي ئي نہ هئي، غير مسلمن جي طريقي سان پيار هيو، ڏاڙهي ڪوڙائڻ جو معمول رهيو، هي تہ ڏاڙهي مبارڪ واري شخصيت آهي، بار زلف رکندا هئا تہ انهن کي ماري ڪَٽائڻ تي مجبور ڪيو هو، هي بزرگ تہ زلفن وارا آهن، کي چين (Key Chain) بہ فلمي اداڪارائن جي فوٽو وارو هو، پنهنجي سوزوڪي جي پوين بہ فلمي اداڪارا جو فوٽو لڳائي ٻين کي بہ بدنگاهيءَ جي عام دعوت ڏيندو هئس، گهر ۾ بہ اداڪارن جون تصويرون لٽڪائي

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿيو ۽ ان مون تي درود شريف نہ پڙهيو ان جفا ڪئي. (عبدالرزاق)

ڇڏيندو هئس، مون ڪي تہ فنڪارن ۽ ڳائڻن جي سڃاڻپ هئي، خبر ناهي تہ اهي ڪهڙي شخصيت آهن؟ آهہ! جنهن جو خاتمو ايمان تي نہ ٿيو هوندو ان جي وات مان نڪرندو: هَيْهَاتَ هَيْهَاتَ لَاۤ اَدْرِي "افسوس! افسوس! مون ڪي ڪجهہ ناهي معلوم" ايتري ۾ جنّت جي دري کلندي ۽ يڪدم بند ٿي ويندي پوءِ جهنم جي دري کُلندي ۽ چيو ويندو جيڪڏهن تون صحيح جواب ڏين ها تہ تنهنجي لاءِ اها جنّت جي دري هئي. هي ٻڌي ان کي تمام گهڻي حسرت ٿيندي، پوءِ ڪفن کي باهہ جي ڪفن سان تبديل ڪيو ويندو، باهہ جو بسترو قبر ۾ وڇايو ويندو، نانگ ۽ وڇون چنبڙي ويندا.

آج مچّھر کا بھی ڈنک آہ! سہا جاتا نہیں
قبْر میں بچّھو کے ڈنک کیسے سہے گا بھائی؟

## جلوهءِ جانان صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

نمازين، رمضان جا روزا رکڻ وارن، حج ادا ڪرڻ وارن، پوري زڪوٰة ڪڍڻ وارن، فلمن ڊرامن کان پري ڀڄڻ وارن، وعده خلافي، بد اخلاقي، بدنگاهي، ڪوڙ، غيبت، چغلي ۽ بي پردگي کان بچڻ وارن، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي رِضا جي لاءِ مٺا ٻول ڳالهائڻ وارن، دعوتِ اسلامي جي مبلغن، سنتن تي عمل ڪري ٻين کي سنّتون سيکارڻ وارن، فيضانِ سنّت جو درس ڏيڻ ۽ ٻڌڻ وارن، نيڪيءَ جي دعوت جون ڌومون مچائڻ وارن، دعوتِ اسلامي جي سنّتن جي تربيت جي مدني قافلن ۾ سفر ڪرڻ وارن، پنهنجي چهري کي هڪ مٺ ڏاڙهيءَ سان سينگارڻ وارن، پنهنجي مٿي تي عمامي شريف جو تاج

فرمانِ مصطفي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **ان شخص جو نڪ مٽيءَ ۾ ملي، جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درودِ پاڪ نہ پڙهي.** (حاڪم)

سجائڻ وارن، سنّتن ڀريو لباس پائڻ وارن ڪي مبارڪ هجي جو جڏهن مؤمن قبر ۾ ويندو ۽ ان کان سوال ٿيندو: مَنْ رَّبُّكَ؟ "يعني تنهنجو ربّ ڪير آهي؟" اهو چوندو: رَبِّيَ الله "يعني منهنجو رب اللهعَزَّوَجَلَّ آهي." مَادِيْنُكَ؟ "يعني تنهنجو دين ڪهڙو آهي؟" زبان مان نڪرندو: دِيْنِيَ الاِسْلَام "يعني منهنجو دين اسلام آهي" (اَلْحَمْدُ لِلّٰهعَزَّوَجَلَّ انهيءَ اسلام جي محبت ۾ تہ دعوتِ اسلامي جي مدني قافلي ۾ سفر ڪندو هئس، انهيءَ اسلام جي محبت ۾ تہ مان معاشري جا طعنا سهندو هئس، سنّتن تي عمل ڪندو ڏسي ماڻهو مذاق ڪندا هئا، پر مان مسڪرائي برداشت ڪندو هئس، انهيءَ دينِ اسلام جي خاطر منهنجي زندگي وقف هئي) پوءِ ڪنهن جو رحمت ڀريو جلوو ڏيکاريو ويندو، تہ خوش نصيب نمازين، روزيدارن، حاجين، پوري زڪواة ادا ڪرڻ وارن، سنّتن تي عمل ڪرڻ وارن، نيڪيءَ جي دعوت جون ڌومون مچائڻ وارن ۽ مدني قافلن ۾ سفر ڪرڻ وارن جي دل خوشيءَ منجهان باغ بهار ٿي پوندي، چو تہ دنيا ۾ ئي مُفسّر شهير، حڪيمُ الاُمّت، مفتي احمد يار خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْحَنَّان جي قول مطابق عاشقن جي هيءَ ڪيفيت هوندي آهي:

روح نہ کیوں ہو مُضْطَرِب موت کے اِنتِظار میں ۔۔۔ سنتا ہوں مجھ کو دیکھنے آئیں گے وہ مزار میں

۽ ان حسرت ڪي بہ سڄي زندگيءَ پنهنجي سيني ۾ سمائي رکيو هو:

قبر میں سرکار آئیں تو میں قدموں پر گروں ۔۔۔ گر فرشتے بھی اٹھائیں تو میں اُن سے یوں کہوں

اب تو پائے ناز سے میں اے فِرِشتو کیوں اُٹھوں ۔۔۔ مَر کے پہنچا ہوں یہاں اِس دلرُبا کے واسطے

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جيڪو مون تي درود پاڪ پڙهڻ وساري ويٺو اهو جنّت جو رستو ڀُلجي ويو. (طبراني)

پوءِ جڏهن سرڪارِ نامدار، مديني جي تاجدار، اسان غريبن جي غمگسار، بيڪسن جي مددگار، شهنشاهِ والا تبار، صاحب پسينـءِ خوشبودار، شفيع روزِ شمار، جنابِ احمد مختار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي باري ۾ پڇيو ويندو. مَا كُنْتَ تَقُوْلُ فِيْ هٰذَا الرَّجُل؟ هن مرد جي باري ۾ تون ڇا چوندو هئين؟ تہ زبان مان ازخود جاري ٿيندو: هُوَ رَسُوْلُ الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم يعني اهي الله عَزَّوَجَلَّ جا رسول صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهن. (اهي ئي تہ منهنجا اهي آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهن، جن جو مبارڪ ذڪر ٻڌي مان جهومندو هئس ۽ اسم گرامي ٻڌي عقيدت منجهان آڱوٺا چُمندو هئس، هي تہ منهنجا اهي مٺا مٺا آقا محمد رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهن جو جن جي ياد منهنجي حياتي جو سرمايو هئي، اهي تہ منهنجا پيارا پيارا آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهن جو جن جو ذڪر منهنجي دل جو سُرور ۽ منهنجي اکين جو نُور هيو.

تمہاری یاد کو کیسے نہ زندگی سمجھوں　　یہی تو ایک سہارا ہے زندگی کیلئے
مِرے تو آپ ہی سب کچھ ہیں رَحْمتِ عالم　　میں جی رہا ہوں زمانے میں آپ ہی کیلئے

۽ جڏهن سرڪار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جلوو ڏيکاري تشريف کڻي وڃڻ لڳندا تہ اِنْ شَآءَالله عَزَّوَجَلَّ قدمن تي ڪِري ڪري عرض ڪبو: يارسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

دل بھی پیاسا نظر بھی ہے پیاسی　　کیا ہے ایسی بھی جانے کی جلدی
ٹھہرو! ٹھہرو! ذرا جانِ عالم!　　ہم نے جی بھر کے دیکھا نہیں ہے

اي ڪاش! هميشہ جي لاءِ اسان جي قبر، اسان جا مٺا مٺا آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي جلوون سان آباد ڪري ڇڏين، بقولِ مولانا

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جنهن مون تي ڏهه ڀيرا درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي سؤ رحمتون موڪليندو آهي.** (طبراني)

**حسن رضا خان** عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن **پوءِ ته..........**

کیوں کریں بزمِ شبستانِ جِناں کی خواہش

جلوۂ یار جو شمعِ شبِ تنہائی ہو

**آخري سوال جو جواب ڏيڻ کان پوءِ جهنم جي دري ڪُلندي ۽ هڪدم بند ٿي ويندي پوءِ جنّت جي دري ڪلندي ۽ چيو ويندو: جيڪڏهن تون صحيح جواب نہ ڏين ها تہ تنهنجي لاءِ اها دوزخ جي دري هئي. هي ٻڌي ڪري ان کي وڏ مان وڏ خوشي محسوس ٿيندي، پوءِ جنّتي ڪفن هوندو، قبر نظر جي حد تائين ڪشادي ڪئي ويندي ۽ مزا ئي مزا هوندا.**

قَبْر میں لہرائیں گے تا حَشْر چشمے نور کے

جلوہ فرما ہوگی جب طَلْعَت رسولُ اللہ کی (حدائقِ بخشش شریف)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

# جهنّم جي دروازي تي نالو

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! الله** عَزَّوَجَلَّ **جي بارگاهہ ۾ جلدي پنهنجي گناهن کان توبہ ڪري وٺو. سرڪارِ مدينہ** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **جو فرمان عبرت نشان آهي: جيڪو ڄاڻي واڻي هڪ نماز بہ قضا ڪري ٿو ان جو نالو جهنم جي ان دروازي تي لکيو ويندو جنهن مان اهو جهنم ۾ داخل ٿيندو.** (حلية الاولياء حديث 10590 ج 7 ص299) **نمازن جي پابندي ڪريو. بهارشريعت جلد اول صفحي 434 تي آهي: ”جهنم ۾ هڪ وادي آهي جنهن جي گرمي ۽ اونهائي سڀ کان وڌيڪ آهي ان ۾ هڪ کوهہ**

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي ڏهه رحمتون موڪليندو آهي.** (مسلم)

آهي جنهن جو نالو "هبهب" آهي جڏهن جهنم جي باهه وسامڻ لڳندي آهي ته **الله** عَزَّوَجَلَّ ان کوهه کي کولي ڇڏيندو آهي جنهن سان اها وري ڀڙڪڻ لڳندي. اهو کوهه بي نمازين، زانين، شرابين، وياج خورن ۽ ماءُ پيءُ کي تڪليف ڏيڻ وارن لاءِ آهي. رمضان المبارڪ جي روزن جو اهتمام ڪرڻ گهرجي. هڪ حديث پاڪ ۾ آهي: جيڪو رمضان مهيني جو هڪ روزو بنا شرعي عذر ۽ مرض جي قضا ڪري ڇڏي ته سڄي زندگي جا روزا ان جي قضا ناهن ٿي سگهندا، جيتوڻيڪ جو بعد ۾ رکي به وٺي. (جامع ترمذي حديث 733 ج 2 ص 175)

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** پويون نمازون يا روزا جيڪڏهن رهيل آهن ته انهن جو حساب ڪري وٺو. قضا عُمري ڪري وٺو ۽ جاڻي واڻي ڪيل تاخير جي گناهه کان به توبه ڪري وٺو. فلمون ڊراما ڏسڻ ۽ بدنگاهي ڪرڻ وارن کي ڊڄڻ گهرجي جو **مڪاشفة القلوب** ۾ آهي: جيڪو پنهنجي اکين کي حرام سان ڀريندو ان جي اکين ۾ قيامت جي ڏينهن **الله تعاليٰ** باهه ڀري ڇڏيندو. (مڪاشفة القلوب ص 10) ماءُ پيءُ کي ستائڻ وارن جي لاءِ دردناڪ عذاب جي وَعيد آهي، حديث شريف ۾ اچي ٿو: **سرورِ ڪائنات، شاهِ موجودات** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن معراج جي رات هڪ منظر هي به ڏٺو ته ڪجهه ماڻهو باهه جي ٽارين سان لٽڪيل هئا، عرض ڪيو ويو: اهي ماءُ پيءُ کي گاريون ڏيندا هئا. (الڪبائر ص 48) ڏاڙهي ڪوڙائڻ وارن، يا هڪ مٺ کان گهٽائڻ وارن جي لاءِ غور جو مقام آهي جو حديث پاڪ ۾ آهي: مڇن کي خوب پست (يعني ننڍيون) ڪريو ۽ ڏاڙهين کي ڇڏي ڏيو (يعني وڌڻ

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **توهان جتي بہ هجو مون تي درود پاڪ پڙهو توهان جو درود مون تائين پهچندو آهي.** (طبراني)

ڏيو) ۽ يهودين جهڙي صورت نہ بڻايو.

(شرح معاني الاثار حديث 6422، 6424 ج 4 ص 28)

سرکار کا عاشق بھی کیا داڑھی مُنڈاتا ہے؟
کیوں عشق کا چِہرے سے اظہار نہیں ہوتا؟

# ڪاراوڇون

پاڪستان جي مشهور شهر ڪوئٽہ جي ڪنهن ويجهي ڳوٺ ۾ هڪ لاوارث ڪلِين شيو (ڏاڙهي ميڇون ڪوڙيل) نوجوان جو لاش مليو، ماڻهن گڏجي ان کي دفنائي ڇڏيو. ايتري ۾ مرحوم جا مائٽ اچي پهتا ۽ چوڻ لڳا تہ اسان انهيءَ جو لاش ڪڍي ڪٽي ويندا سين ۽ وڃي پنهنجي ڳوٺ ۾ دفنائينداسين، پوءِ ٻيهر قبر کوٽي وئي، جڏهن چهري وٽان سِرَ هٽائي وئي تہ ماڻهن جون دانهون نڪري ويون! چهري تان ڪفن هٽيل هو ۽ ڪلين شيو نوجوان جي چهري تي ڪارن وڇوئن جي ڪري ڪاري ڏاڙهي ٺهيل هئي گهٻرائي ڪري جلدي جلدي سِرَ رکي مٽي وِڌي وئي ۽ ماڻهو ڀڄي ويا.

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان سڀني کي **الله** تعاليٰ وڇوئن کان بچائي. آمين! جلدي جلدي پياري پياري آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سنّت چهري تي سجائي وٺو ۽ جيڪي اڄ تائين ڪوڙائيندا يا ڪٽائيندا رهيا آهن اهي هن گناهہ کان توبہ بہ ڪري وٺن. ياد رکو! ڏاڙهي ڪوڙائڻ بہ حرام آهي ۽ هڪ مُٺ کان گهٽائڻ بہ حرام آهي.

# زُلف رکڻ سنّت آهي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! منهنجي مڪي مدني آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **مون تي درودشريف جي ڪثرت ڪريو، بيشڪ هي توهان جي لاءِ طهارت آهي.** (ابو يعلي)

جا زُلف مبارڪ هميشھ اڌ ڪن مبارڪ تائين، يا وري ڪن مبارڪ جي پاپڙيءَ تائين، يا وري ڪڏهن ڪڏهن وڏي ويندا هئا ته مبارڪ ڪلهن ڪي جهومي جهومي چمندا هئا. (الشمائل المحمديہ للترمذي ص 34، 35، 18)

(باقي نبيِّ اَڪرم رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن حج ۽ عمري جي احرام شريف لاهڻ جي لاءِ پنهنجا زُلف مبارڪ ڪوڙايا آهن) انگلش وار رکڻ سنّت ناهي گيسو (يعني زلف) رکڻ سنّت آهن. براءِ ڪرم! پنهنجي مٿي تي سنّت جي مطابق زلف سجائي وٺو ۽ ان سان گڏوگڏ مٺي مٺي آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مٺي مٺي سنّت عمامي شريف جو تاج به مٿي تي سجائي ڇڏيو.

## عمامي جي پياري حڪايت

منهنجا آقا امامِ اهلسنّت مولانا شاهہ احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن فرمائن ٿا: حضرت امير المؤمنين سيّدنا عمرفاروقِ اعظم رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جا پوٽا حضرت سيّدنا سالم رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ فرمائن ٿا: مان پنهنجي والدِ ماجد (حضرت سيّدنا) عبدالله بن عمر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُمَا جي خدمت ۾ حاضر ٿيس ۽ اهي عمامو ٻڌي رهيا هئا، جڏهن ٻڌي چڪا، منهنجي طرف توجهہ ڪري فرمايائون: توهان عمامي کي محبوب رکندا آهيو؟ مون عرض ڪيو: ڇو نه! فرمايائون: ان کي محبوب رکو عزّت ماڻيندؤ ۽ جڏهن شيطان توهان کي ڏسندو، اوهان کان منهن موڙي ڇڏيندو، مون رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي فرمائيندي ٻڌو آهي ته عمامي سان گڏ هڪ نفل نماز توڙي فرض، بغير عمامي جي پنجويهہ نمازن جي برابر آهي ۽ عمامي سان گڏ هڪ جمعو، بغير عمامي جي ستر

جمعن جي برابر آهي. پوءِ **ابن عمر** رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُمَا **فرمايو: اي فرزند!** عمامو ٻڌو، جو فرشتا جمعي جي ڏينهن عمامو ٻڌي ايندا آهن ۽ سج لهڻ تائين عمامي وارن تي سلام موڪليندا رهندا آهن.

(فتاوىٰ رضويہ ج 6 ص215)

جيڪڏهن سيئي پنهنجي مدني سوچ ٻڻائي ونن تہ اڄ ڪان اسين ڏاڙهي زلف ۽ عمامي شريف جون سنّتون اپنائينداسين، مان سمجهان ٿو تہ ڏاڙهي، زلف ۽ عمامي شريف جو ٻيهر رواج پئجي ويندو. يعني جهڙيءَ طرح اڄ ماڻهو ڪثرت سان ڏاڙهيون ڪوڙائيندا آهن، اهڙيءَ طرح گهڻا مسلمان ڏاڙهيون سجائڻ لڳندا ۽ هر طرف ڏاڙهي زلفن ۽ عمامي شريف جي بهار اچي ويندي.

ہم کو میٹھے مصطفےٰ کی سنّتوں سے پیار ہے

اِنْ شَآءَاللّٰه دو جہاں میں اپنا بیڑا پار ہے

## ناجائز فيشن ڪرڻ وارن جو انجام

**سرڪار مدينہ** صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **ارشاد فرمايو:** (معراج جي رات) مون ڪن ماڻهن کي ڏٺو جن جون چمڙيون باهہ جي قينچين سان ڪٽيون پئي ويون، مون پڇا ڪئي: اهي ڪير آهن؟ جبرائيل اٰمين (عَلَیْهِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام) عرض ڪيو: اهي ماڻهو ناجائز شين سان زينت حاصل ڪندا هئا ۽ مون هڪ بد بودار کڏو ڏٺو جنهن ۾ شور شرابو برپا هو، مون چيو: اهي ڪير آهن؟ تہ ٻڌايو ويو: هي اهي عورتون آهن جيڪي ناجائز شين سان زينت حاصل ڪنديون هيون. (تاريخ بغداد ج 1 ص 415) ياد رکو! نيل پالش جو تهہ ننهن تي جمي ويندو آهي تنهن

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم : جنهن مون تي ڏهہ ڀيرا صبح ۽ ڏهہ ڀيرا شام درودِ پاڪ پڙهيو قيامت جي ڏينهن ان کي منهنجي شفاعت ملندي . (مجمع الزوائد)

ڪري اهڙي حالت ۾ وضو ڪرڻ سان نہ ئي وضو ٿيندو آهي نہ وري وهنجڻ سان غسل لهندو آهي جڏهن وضو ۽ غسل نہ ٿيو تہ نماز بہ ناهي ٿيندي.

## اڄ ئي توبہ ڪريون

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اڄ کان عهد ڪري ڇڏيو تہ منهنجي ڪا بہ نماز قضا نہ ٿيندي....... اڄ کان پوءِ رمضان جو ڪو بہ روزو قضا نہ ٿيندو......... فلمون ڊراما نہ ڏسنداسين....... گانا باجا نہ ٻڌنداسين...... ڏاڙهي نہ ڪوڙائينداسين.... هڪ مٺ کان نہ گهٽائينداسين....... اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ[1] ۽ مردن جي پاجامي (يعني شلوار) جا پانچا پيڏين کان مٿي هجڻ گهرجن جو جيڪو ڪپڙو تڪبُّر کان هيٺ ڪندو آهي اهو باهہ ۾ آهي. حديث پاڪ ۾ آهي: هڪ شخص تڪبُّر کان گوڏ گهلي رهيو هو، زمين ۾ دٻجي ويو ۽ قيامت تائين اهو زمين ۾ دٻجندو رهندو. (صحيح بخاري حديث 5790 ج 4 ص 47) اڄ کان پوءِ سيئي اسلامي ڀائر پنهنجي پانچن کي پيڏين کان مٿي رکندا ..... اِنْ شَآءَاللّٰه ..... اِنْ شَآءَاللّٰه ..... اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪريان ٿو، تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي

[1] امير اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه ڪن اجتماعن ۾ بيان کان پوءِ پنهنجي مخصوص انداز ۾ عهد وٺندا آهن جنهن جو جواب اجتماع ۾ موجود لکين اسلامي ڀائر هٿ لوڏي ان شآءَالله عَزَّوَجَلَّ جي اُپ ڏارينڌ نعرن سان ڏيندا آهن.

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن ڪتاب ۾ مون تي درودِ پاڪ لکيو ته جيستائين منهنجو نالو ان ڪتاب ۾ لکيل رهندو ملائڪ ان جي لاءِ استغفار ڪندا رهندا. (طبراني)

ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو. (تاريخ دمشق لابن عساکر ج 9 ص 343)

سینہ تری سنّت کا مدینہ بنے آقا
جنّت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ”ربِّ مصطفيٰ! مهمانِ مدينہ بڻا“ جي ويھ اکرن جي نسبت سان مهمان نوازي جا 20 مدني گل

❁ **ڇھ فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ﴿1﴾ جيڪو **الله** (عَزَّوَجَلَّ) ۽ قيامت جي ڏينهن تي يقين رکي ٿو ان کي گھرجي ته مهمان جو احترام ڪري. (بخاري ج 4 ص 105 حديث 6018) مُفسّر شهير، حڪيم الامت حضرت مفتي احمد يار خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الحَنَّان انهي حديث جي تحت فرمائن ٿا: مهمان جو احترام هي آهي ته ان سان سهڻي نموني ملي، ان جي لاءِ ڪاڏي ۽ بين خدمتن جو انتظام ڪري، وس آهر پنهنجي هٿن سان ان جي خدمت ڪري. (مراة ج 6 ص 52) ﴿2﴾ جڏهن ڪنهن وٽ ڪو مهمان ايندو آهي ته پنهنجو رزق کڻي ايندو آهي ۽ جڏهن ان وٽان ويندو آهي ته گھر جي مالڪ جا گناه بخشجڻ جو سبب ٿيندو آهي.“ (ڪنزالعمال، حديث 25831 ج 9 ص 107) ﴿3﴾ جنهن نماز قائم ڪئي، زڪوٰة ادا ڪئي، حج ادا ڪيو، رمضان جا روزا رکيا ۽ مهمان جي مهمان نوازي ڪئي اهو جنت ۾ داخل ٿيندو. (المعجم الڪبير، حديث 12692 ج 12 ص 106) ﴿4﴾ جيڪو شخص (طاقت هوندي) مهمان نوازي ناهي ڪندو ان ۾ ڀلائي ناهي. (مسند امام احمد بن حنبل ج 6 ص 142 حديث 17424) ﴿5﴾ اهو گھٽ

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: **جيڪو جمعي جي ڏينهن مون تي درود شريف پڙهندو آءٌ قيامت جي ڏينهن ان جي شفاعت ڪندس.** (ڪنزالعمال)

عقل ماڻهو چئبو جيڪو پنهنجي مهمان کان خدمت وٺي (الجامع الصغير ص 288 حديث 4686) ﴿6﴾ سنت هي آهي ته ماڻهو مهمان کي دروازي تائين موڪلائڻ وڃي. (سنن ابن ماجہ حديث 3358 ج 4 ص 52) **مفتي احمد يار خان** عَلَيْهِ رَحْمَةُ الْحَنَّان فرمائن ٿا: اسان جو مهمان اهو آهي جيڪو اسان سان ملاقات لاءِ ٻاهران اچي، پلي ان سان اسان جي واقفيّت پهريان هجي يا نه، جيڪو اسان وٽ پاڙي يا شهر مان ئي ملڻ لاءِ ٻه چار منٽ آيو اهو ملاقاتي آهي مهمان ناهي. ان جو آڌر ڀاءُ ڪريو پر ان جي دعوت نه ڪريو ۽ جيڪو اڻ واقف ماڻهو پنهنجي ڪم جي لاءِ اسان وٽ اچي، اهو مهمان ناهي جيئن حاڪم يا مفتي وٽ مقدمي يا فتوي لاءِ ايندا آهن، اهي حاڪم جا مهمان ناهن. (مراۃ ج 6 ص 54) ۞ مهمان کي گهرجي ته پنهنجي ميزبان جي مصروفيّتن ۽ ذمّيدارين جو لحاظ رکي بهار شريعت جلد 3 صفحي 391 تي حديث نمبر 14 آهي: جيڪو شخص **الله** (عَزَّوَجَلَّ) ۽ قيامت جي ڏينهن تي ايمان رکي ٿو اهو مهمان جو احترام ڪري، هڪ ڏينهن ۽ رات ان جو جائزو آهي (يعني هڪ ڏينهن ان جي چڱي طرح مهمان نوازي ڪري ۽ وس آهر ان جي لاءِ تڪلّف وارو ڪاڌو تيار ڪرائي) ۽ مهماني ٽي ڏينهن آهي (يعني هڪ ڏينهن کان پوءِ تڪلف نه ڪري بلڪ جيڪو حاضر آهي اهو ئي پيش ڪري) ۽ ٽن ڏينهن کان پوءِ صدقو آهي، مهمان جي لاءِ اهو حلال ناهي جو ان وٽ رهي پوي ۽ ان کي حرج ۾ وجهي. (بخاري ج 4 ص 136 حديث 6135) ۞ جڏهن اوهان ڪنهن وٽ مهمان ٿي وڃو ته مناسب آهي ته سٺين سٺين نيّتن سان توفيق آهر ميزبان يا ان جي ٻارن جي لاءِ تحفو وٺي

وجو ۞ ڪڏهن ڪڏهن ائين به ٿيندو آهي جيڪڏهن مهمان ڪجهه تحفو نه وٺي وڃي ته ميزبان يا ان جا گهر وارا مهمان جي برائي جي گناهن ۾ پوندا آهن، ته جتي يقيني طور تي يا غالب گمان سان اهڙي صورتحال هجي اتي مهمان کي گهرجي ته بنا مجبوري جي نه وڃي ضرورت وقت وڃي ۽ تحفو وٺي وڃي ته حرج ناهي، البت ميزبان انهي نيّت سان ورتو جو جيڪڏهن مهمان تحفا نه آڻي ها ميزبان ان جي برائي بيان ڪري ها يا خاص طور تي اها نيّت ته ناهي پر ان جو اهڙو بُرو معمول آهي ته پوءِ جتي ان کي غالب گمان هجي جو آڻڻ واري ان جي شرّ کان بچڻ جي آندو آهي ته هاڻي وٺڻ وارو ميزبان گهنگار ۽ جهنّم جي عذاب جو حقدار آهي ۽ اهو تحفو ان جي لاءِ رشوت آهي. باقي جيڪڏهن برائي جي نيّت نه هجي ۽ نه وري ان جو اهڙو معمول هجي ته تحفو قبول ڪرڻ ۾ ڪو حرج ناهي ۞ صَدرُ الشَّرِيعہ، بَدرُ الطَّرِيقہ، حضرت علّامہ مولانا مفتي محمد امجد علي اعظمي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ القَوِي فرمائن ٿا: مهمان جي لاءِ چار ڳالهيون ضروري آهن: (1) ميزبان جتي چاهي ويهاري اتي ويهي (2) جيڪو ان جي سامهون پيش ڪيو وڃي ان تي خوش ٿئي، ائين نه ٿئي جو چوڻ لڳي: ان کان بهتر ته پنهنجي گهر ۾ کائيندو آهيان يا ان طرح جا ٻيا الفاظ (3) بنا گهروارن جي اجازت جي اٿان نه اٿي ۽ (4) جڏهن اٿان وڃي ته ان جي لاءِ دعا ڪري. (عالمگيري ج 5 ص 344) ۞ گهر يا کاڌي وغيره جي معاملن ۾ ڪنهن به قسم جي تنقيد نه ڪري نه ڪوڙي واڪاڻ ڪري، ميزبان به مهمان کي ڪوڙ جي خطري ۾ وجهڻ وارا

سوال نہ ڪري مثلاً هي چوڻ تہ اسان جو کاڌو ڪيئن هو؟ اوهان کي پسند آيو يا نہ؟ اهڙي موقعي تي جيڪڏهن ناپسند هئڻ جي باوجود مهمان مُروّت طور کاڌي جي ڪوڙي تعريف ڪندو تہ گنهگار ٿيندو. اهڙي طرح جو سوال بہ نہ ڪري تہ "اوهان ڍؤ ڪري کاڌو يا نہ؟" اتي بہ جواب ڏيڻ ۾ ڪوڙ جو انديشو آهي تہ گهٽ کائڻ جي عادت يا پرهيز يا ڪنهن بہ مجبوري تحت گهٽ کائڻ جي باوجود اصرار ۽ تڪرار ڪان بچڻ جي لاءِ مهمان کي چوڻو پئجي ويندو تہ "مون ڏاڍو ڍؤ ڪري کاڌو آهي" ❁ ميزبان کي گهرجي تہ مهمان کي ٿوري ٿوري وقت ۾ چوي تہ "اجا کائو" پر ان جو اصرا نہ ڪري، متان اصرار جي ڪري گهڻو نہ کائي وجي ۽ گهڻو کائڻ ان جي لاءِ نقصانڪار هجي. (ايضًا) ❁ حُجَّةُ الاسلام حضرت سيِّدُنا امام ابوحامد محمد بن محمد بن محمد غزالي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْوَالِي فرمائن ٿا: دوست گهٽ کاڌو هجي تہ ان کي ترغيب طور چئجي: کائو! ليڪن ٽن ڀيرن کان وڌيڪ نہ چيو وڃي ڇوتہ اهو اصرار ڪرڻ ۽ حد کان وڌڻ ٿيو. (احياءُ العلوم ج 2 ص 9) ❁ ميزبان کي بالڪل خاموش نہ رهڻ گهرجي ۽ هي بہ نہ ڪرڻ گهرجي تہ کاڌو رکي غائب ٿي وڃي بلڪ اتي حاضر هجي. (عالمگيري ج 5 ص 345) ❁ مهمانن جي سامهون خادم وغيره تي ناراض نہ ٿئي. (ايضًا) ❁ ميزبان کي گهرجي تہ مهمان جي خدمت ڪرڻ ۾ پاڻ مشغول رهي، خادمن جي ذمي ان کي نہ ڇڏي جو ائين ڪرڻ حضرت ابراهيم خليل الله عَلٰى نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي سُنّت آهي. (ايضًا، بهار شريعت ج 3، ص 394) جيڪو شخص پنهنجي ڀائرن (مهمانن) سان گڏ کائي ٿو ان کان

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿيو ۽ ان مون تي درود شريف نہ پڙهيو تہ تحقيق اهو بدبخت ٿي ويو. (ابن سني)

حساب نہ ٿيندو. (قوت القلوب ج 2 ص 306) ❁ حُجَّةُ الاِسلام حضرت سيِّدُنا امام ابو حامد محمد بن محمد بن محمد غزالي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْوَالِي فرمائن ٿا: جيڪو شخص گهٽ کائيندو هجي، جڏهن ماڻهن سان کائي تہ ڪجهہ دير کان پوءِ کائڻ شروع ڪري ۽ ننڍا گرهہ ڪٽي، آهستي آهستي کائي تہ جيئن پڇاڙي تائين ٻين ماڻهن جو ساٿ ڏئي سگهي. (مرقاة المفاتيح ج 8 ص 84 تحت الحديث 4254) ❁ جيڪڏهن ڪنهن ان لاءِ ڪاڏي مان جلدي هٿ ڪييا تہ جيئن ماڻهن جي دلين ۾ مقام پيدا ٿئي ۽ ان کي پيٽ جو قفل مدينہ لڳائڻ وارو (يعني بک منجهان گهٽ کائڻ وارو) گمان ڪن تہ رِياڪار ۽ جهنم جي عذاب جو حقدار آهي ❁ جيڪڏهن بک ۾ زياده ان ڪري ڪاڏائين جو مهمان سان گڏ کائي رهيو آهي ۽ خبر بہ آهي تہ هي هٿ ڪيندو تہ مهمان شرمائيندو ۽ ڍؤ ڪري نہ کائيندو تہ ان صورت ۾ بہ ڪجهہ وڌيڪ کائڻ جي اجازت آهي جڏهن تہ ايترو زياده هجي جنهن سان معدي خراب ٿيڻ جو انديشو نہ هجي. (ملخص از درمختار ج 6 ص 561) ❁ هڪ شخص عرض ڪيو: يا رسول الله صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! مان هڪ شخص وٽ ويس، ان منهنجي مهماني ناهي ڪئي، هاڻي اهو مون وٽ اچي تہ ڇا مان ان کا بدلو وٺان؟ پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: نہ، بلڪ توهان ان جي مهماني ڪريو.
(جامع ترمذي ج 3 ص 405 حديث 2013)

هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ **مڪتبة المدينہ** جا شايع ٿيل بہ ڪتاب (1) 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب "بهارشريعت" حصو 16 ۽ (2) 120 صفحن جو ڪتاب "سنتيں اور آداب" هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو **دعوت اسلامي** جي

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿيو ۽ ان مون تي درود شريف نہ پڙهيو ان جفا ڪئي. (عبدالرزاق)

مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر بہ آهي.

لوٹنے رحمتیں قافلے میں چلو　　سیکھنے سنتیں قافلے میں چلو
ہوں گی حل مشکلیں قافلے میں چلو　　ختم ہوں شامتیں قافلے میں چلو

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب!　　صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

# فهرست


| عنوان | صفحو |
|---|---|
| درود شريف جي فضيلت | 1 |
| قبر جو ڏڪو | 2 |
| مُبلّغن کي مبارڪ هجي! | 2 |
| منهنجا ٻار ڇا ڪٿي آهن؟ | 3 |
| قبر ۾ ڏيجارڻ وارين شيون | 3 |
| ڇا الله عَزَّوَجَلَّ کان ڊڄڻ وارو گناهہ ڪري سگهي ٿو؟ | 4 |
| پاڙيسري مڙدن جي پڪار | 5 |
| امتحان ويجهو آهي | 6 |
| نقل ڪرڻ وارو ٿي ڪامياب | 7 |

| عنوان | صفحو |
|---|---|
| بدنصيب گهوٽ ستل رهجي ويو! | 8 |
| قبر جو ڀيانڪ منظر | 10 |
| جلوهء جانان صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم | 13 |
| جهنم جي دروازي تي نالو | 16 |
| ڪارا وڇون | 18 |
| زُلف رکڻ سنّت آهي | 18 |
| عمامي جي پياري حڪايت | 19 |
| ناجائز فيشن ڪرڻ وارن جو انجام | 20 |
| اڇو تہ واعدو ڪريون | 21 |
| مهمان نوازي جا 20 مدني گل | 22 |


## هي رسالو پڙهي ٻين کي ڏئي ڇڏيو

شادي غمي جي تقريبن، اجتماعن، عرسن ۽ ميلاد جي جلوسن وغيره ۾ مڪتبۃ المدينہ جا شايع ڪيل رسالا تقسيم ڪري ثواب ڪمايو، گراهڪن کي ثواب جي نيت سان تحفي ۾ ڏيڻ جي لاءِ پنهنجي دڪانن تي بہ رسالا رکڻ جو معمول بڻايو، اخبار جي هاڪرن يا ٻارن جي ذريعي پنهنجي پاڙي جي گهر گهر ۾ وقفي وقفي سان بدلائي ڪري سنّتن ڀريا رسالا پهچائي نيڪي جي دعوت جون ڌومون مچايو.

